# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.III OF 1994

# سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 1993

# THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ACT, 1993

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Ordinance V of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

4. ليزن تي پابندي وغيره
Abatement of leases etc

5. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1994

# SINDH ACT NO.III OF 1994

## سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 1993

## THE SINDH WILDLIFE PROTECTION (AMENDMENT) ACT, 1993

[20 فيبروري 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي ۽ 4 آڪٽوبر 1993 کان لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به جاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 جي شق (n) ۾، لفظ ۽ ڪاما "پکين،" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "پکي، مڇي،" کي متبادل بڻايو ويندو.

Sindh Ordinance V of 1972

سنڌ 1972 جي آرڊيننس V جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance V of 1972

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ 3 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

"(4) جهنگلي جيوت جي تحفظ وارين حدن اندر ڪو مڇي جو پاڻي ليز تي نہ ڏنو ويندو، نيلام نہ ڪيو ويندو يا ڪنهن بہ طريقي مڇي مارڻ جي مقصد لاءِ استعمال نہ ٿيندو يا ڪمرشل بنيادن تي پبڙ جمع ڪرڻ يا بيهہ جمع ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ٿيندو."

ليزن تي پابندي وغيره
Abatement of leases etc

4. ڪا ليز يا ڏنل اجازت يا ڪيل ڪو معاهدو يا نيلامي جيڪا مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعہ (4) جي مقصد لاءِ هجي، جيڪا سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1972 کان اڳ لاڳو هئي اها ختم ٿي ويندي ۽ غير موثر ٿي ويندي.

منسوخي
Repeal

5. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1993 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**